# قبر
## ۾ ڪم ايندڙ عمل

18-April-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قبر ۾ ڪم ايندڙ عمل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پيي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

هر عيب کان پاڪ محبوب آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود شريف پڙهندو آهي، ان جو دُرُود مون تائين پهچندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار (يعني بخشش جي دعا) ڪندو آهيان ۽ ان کان عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط ،من اسمه احمد،۱/ ۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

گندے نکمّے کمین مہنگے ہوں کوڑی کے تین کون ہمیں پالتا تم پہ کروروں دُرُود

**مختصر وضاحت:** اسان اهڙا نڪما ۽ ناڪارا آهيون جو ڪوٺي سڪي جا ٿي حصا بہ اسان کان مهانگا ٿيندا پر ان جي باوجود اي منهنجا آقا! اوهان اسان جهڙن نڪمن کي بہ پنهنجي دامنِ ڪرم سان وابستہ ڪيو آهي، اوهان تي ڪروڙين درود و سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٿئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان ”**قبر ۾ ڪم ايندڙ عمل**“ بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. حضرت علامہ فقيہ ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ

روايت ۾ اَٺ (8) عملن جو ذڪر ڪيو آهي . انهن مان چار (4) عمل اهي آهن جن تي عمل ڪرڻ سان قبر ۾ راحت ۽ سڪون نصيب ٿيندو آهي. جڏهن تہ چار عمل اهڙا آهن جن کان بچڻ قبر جي وحشت کان بچائيندو آهي. اڄ جي بيان ۾ اسان انهن عملن بابت ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اي ڪاش! سڄو بيان سنين نيتن ۽ مڪمل توجھ سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قيامت جي سفر لاءِ سامان ڪھڙو گڏ ڪيو آهي؟

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”احياء العلوم“ جلد 1 صفحي 1053 تي آهي تہ هڪ ڀيري امت تي مهربان نبي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدُنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ارشاد فرمايائون: اي ابوذر! اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان سفر جو ارادو ڪيو تہ ان جي لاءِ ڪا تياري بہ ڪندؤ؟ حضرت سَيدُنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: جي ها! يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! سفر جي لاءِ ان جي تياري ضرور ڪندس. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: قيامت جي سفر جو ڇا حال آهي؟ پوءِ پاڻ ئي ارشاد فرمايائون: اي ابوذر! ڇا مان توکي انهن شين جي باري ۾ نہ ٻڌايان جيڪي توکي ان (قيامت جي) ڏينهن نفعو پهچائينديون؟ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ضرور ٻڌايو. اِرشاد فرمايائون: ❖ قِيامت جي ڏينهن لاءِ سخت گرميءَ جي ڏينهن ۾ روزو رکو! ❖ قبر جي وحشت جي لاءِ رات جي اونداهيءَ ۾ ٻہ رڪعتون پڙهو، ❖ وڏن وڏن (پيش ايندڙ) معاملن جي لاءِ حج ڪيو ۽ ❖ ڪنهن مسڪين کي ڪا شيء ڏئي ڪري ❖ يا حق ڳالھ چئي ڪري ❖ يا ڪنهن بُري جملي کان خاموش رهي صدقو ڪريو. (موسوعة الامام ابن ابي الدنيا، التهجد وقيام الليل، ۲۴۷/۱، حديث:۱۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ شفيق و ڪريم آقا، رحم دل و رحيم آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيتري پياري انداز ۾ سفرِ قيامت جي تياري جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. هن روايت ۾ ڪيترا ئي مدني گل هڪ عقلمند جي لاءِ پنهنجي اندر رنگ برنگي خوشبو سمايل آهن.

**هڪ مدني گل** اهو حاصل ٿيو ته سخت گرمي ۾ رکيا ويندڙ روزا قيامت جي ڏينهن جي گرمي کان بچائن ٿا. جڏهن ته رات جي اونداهي ۾ پڙهي ويندڙ نماز قبر جي اونداهيءَ ۽ وحشت کي پري ڪري ٿي، حج به پريشانيون پري ڪري ٿو، جڏهن ته مسڪين جي مدد، حق ڳالهائڻ ۽ بُرين ڳالهين کان بچڻ به مسلمان کي فائدو ڏئي ٿو. ان سان گڏوگڏ ٻيا ڪوڙ اهڙا نيڪ عمل آهن جن تي عمل سفرِ آخرت خاص ڪري قبر ۾ فائدو ڏيندو آهي.

**ٻيو مدني گل** اهو حاصل ٿيو ته اسان کي پنهنجي سفرِ آخرت کي به هميشه ياد رکڻ گهرجي ۽ ان جي تياري ڪرڻ گهرجي. دنيا جو معمول آهي جڏهن به سفر ڪيو ويندو آهي ته پهريان ان جي تياري ڪئي ويندي آهي، سفر جيترو گهڻو اهم هوندو آهي ان جي تياري به ايتري ئي اهتمام سان ڪئي ويندي آهي، سفر جيترو ڊگهو هوندو آهي ان جي تياري کي به اوتري ئي اهميت ڏني ويندي آهي، سامان وغيره جو انتظام به انهيءَ حساب سان ڪيو ويندو آهي.

اسان ڏسون ٿا ته ڪيئي خوش نصيب عاشقانِ رسول سفرِ مدينه جي سعادت ماڻن ٿا، ممڪن آهي ڪيئي عاشقانِ رسول هتي موجود هجن جيڪي ان سعادت سان فيضياب ٿي چڪا هجن، سوچيو! جڏهن هن مبارڪ سفر جي سعادت ملندي آهي ته گهر ۾ تياري جو ڪهڙو منظر هوندو آهي، ڪيترا ڏينهن پهريان کان ئي تياري جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي، جيئن جيئن هن سفر جو وقت قريب ايندو ويندو آهي تياري ۾ تيزي ايندي ويندي آهي.

اهڙي طرح جيڪڏهن مقدر کلي پوي ۽ سفرِ حج جي سعادت ملي وڃي پوءِ

جيئن تہ حج جا ڏينهن گهٽا هوندا آهن تہ تياري بہ ايتري گهٽي ٿيندي آهي، ڪجهہ ماڻهو تہ مهينو ڪن پهريان ان جي تياري شروع ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح دنيا جي ٻين سفرن جو معاملو آهي جو پهريان کان ئي ان جي تياري شروع ڪئي ويندي آهي.

ٿورو سوچيو! جڏهن دنيا جي انهن ڪجهہ ڏينهن جي سفرن جي لاءِ پهريان کان ئي تياري ڪئي ويندي آهي تہ اهو سفر جيڪو سڀ کان ڊگهو آهي، اهو سفر جيڪو يقيني ڪرڻو آهي، اهو سفر جنهن جي اهميت سڀ کان وڏيڪ آهي، اهو سفر جنهن تي نجات جو دار و مدار آهي، اهو سفر جيڪو يا تہ ڪاميابين يا وري وڏي غم جو سبب بڻجندو، اهو سفر جيڪو يا تہ سعادتن جي معراج بڻجندو يا وري هولناڪ سزائن ۽ عذابن ۾ گرفتار ڪرائيندو، مطلب تہ! اهو سفر جيڪو جنت يا دوزخ مان ڪنهن هڪ پاسي ڪٽي ويندو، ايتري اهم ۽ ضروري سفر جي لاءِ ڪيتري تياري جي ضرورت آهي. افسوس! صد افسوس! اسان جو هڪ تعداد آهي جنهن کي دنيا جي سفر جي تياري تہ ياد رهندي آهي پر آخرت جي سفر جي تياري کان غفلت ڪئي ويندي آهي. دنيا جا سفر ڪڏهن تہ ڪنهن سبب کان ملتوي يا ڪينسل بہ ٿي ويندا آهن، مثال طور اوچتو ڪنهن بيماريءَ جي سبب سفر نہ ٿي سگهيو، ڪنهن رشتيدار جي انتقال جي سبب سفر نہ ڪري سگهيو، ٽرين، گاڏي/فلائيٽ (جهاز) انهيءَ وقت نہ ملڻ جي سبب سفر رهجي ويو، پر ياد رکو! آخرت جو سفر 100 فيصد يقيني آهي. مشاهدو آهي تہ جيڪو شخص جنهن شيء ۾ رغبت رکندو آهي هميشہ انهيء جي باري ۾ سوچيندو رهندو آهي ۽ انهيء جي باري ۾ غور و فڪر ڪندو رهندو آهي.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”احياء العلوم“ جلد1 صفحي 438 تي امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: ڪپڙي جو واپاري، وادو، رازو ۽ ڪپڙو ٺاهڻ وارو جڏهن ڪنهن آباد گهر ۾ ويندا آهن

جنهن ۾ قالين وڇايل هجي، گهر سينگاريل هجي ۽ اهي اتي غور و فڪر ۾ پئجي وڃن ته عام طور تي انهن جي سوچ اها هوندي ته ڪپڙي وارو قالين (Carpet) ڏسي ان جي قيمت ۾ غور ڪري رهيو هوندو. ڪپڙو بڻائڻ وارو ڪپڙي جي بناوت ۾ غور ڪري رهيو هوندو، واڍو ڇت بنائڻ جي طريقي تي غور ڪري رهيو هوندو ۽ رازو ان جي ديوارن کي ڏسي ان جي مضبوط ۽ سڌي هئڻ بابت سوچي رهيو هوندو.

اهڙي طرح اهو شخص جيڪو آخرت واري سفر کي ياد رکي ٿو، اهو شخص جيڪو فڪرِ آخرت ۾ مبتلا رهي ٿو ان جو به اهو حال ٿي ويندو آهي ته جڏهن هو ڪا به شيء ڏسندو آهي ته الله پاڪ ان ۾ ان جي لاءِ عبرت جي راهه کولي ڇڏيندو آهي. **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن ڪارانڻ کي ڏسندو ته ان کي قبر جي اونداهي ياد ايندي آهي، **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن نانگ کي ڏسندو آهي تو ان کي جهنم جا نانگ ياد ايندا آهن، **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن خوفناڪ صورت کي ڏسندو آهي ته منڪر نڪير ۽ زَبانِيه (ملائڪن جو اهو گروه جيڪو نافرمانن کي جهنم ڏانهن ڌڪڻ تي مقرر آهي اُن) کي ياد ڪندو آهي، **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن ڪو خوف ناڪ آواز ٻڌندو آهي ته ان کي صور ڦوڪڻ ياد ايندو آهي، **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن ڪنهن سٺي ۽ خوبصورت شيء کي ڏسندو آهي ته جنت جي نعمتن کي ياد ڪندو آهي، **(سفرِ آخرت کي ياد رکڻ وارو)** جيڪڏهن ڪٿان ڪان انڪار يا قبوليت جي ڪا ڳالهه ٻڌندو آهي ته اُخروي معاملي ۾ حساب ڪتاب ڪان پوءِ پنهنجي مقبول يا رَد هئڻ کي ياد ڪندو آهي. (احياء العلوم، ۴۳۸/۱ بتغيرٍوملخصًا)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي سوچڻ گهرجي ته ڇا اسان به ڪنهن موقعي تي آخرت کي ياد ڪريون ٿا؟ ❖ ڇا ڪڏهن ڪنهن شيء جو وزن ٿيندي ڏسي اسان کي به ميزان تي عملن جو حساب ڪتاب ٿيڻ ياد آيو آهي؟ ❖ نرم ۽ گرم بستر (Bed) تي سمهڻ مهل ڇا ڪڏهن اسان کي به قبر جي خاڪي(مٽيءَ جي) بستري جي ياد آئي آهي؟ ❖ **اڄ** وهاڻي جي بغير ننڊ ناهي ايندي، ڇا

ڪڏهن قبر جو وهاڻو بہ ياد آيو آهي؟ ❖ لائٽ هلي وڃي تہ اونداهي ۾ دل گهبرائيندي آهي ڇا ڪڏهن قبر جي اونداهيءَ جو خيال بہ دل ۾ پيدا ٿيو آهي؟ ❖ ڪتمل ۾ مڇر جي ڪٽڻ سان بي چين ٿي ويندا آهيون ڇا قبر جي نانگ ۽ وڇوئن جي ڪٽڻ جو بہ فڪر ڪڏهن پيدا ٿيو آهي؟ ❖ سخت گرميءَ سان تہ پريشان ٿي ويندا آهيون ڇا ڪڏهن قيامت ۽ جهنم جي گرميءَ جو بہ سوچيو آهي؟ ❖ سخت سرديءَ ۾ بہ راحت ناهي ملندي جهنم جي وادي زَمهَرِير جنهن ۾ سردي جو عذاب ٿيندو ڇا ڪڏهن ان جي خوف جي طرف بہ ڪڏهن توجهہ وئي؟ * ٽهڪندڙ تيل، ٽهڪندڙ گرم پاڻي اسان اڪثر ڏسون ٿا، انهن ڪي ڏسي جهنمين ڪي پياريو ويندڙ ماءِ حميم بہ ڪڏهن ياد آيو آهي؟ ❖ بيماريءَ کان صحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙيون ڪوڙيون گوريون وات جو ذائقو خراب ڪنديون آهن ڇا ڪڏهن جهنمين ڪي ڪارايو ويندڙ زَقُّوم بہ ياد ڪيو آهي؟

دِلا غافل نہ ہو یکدم، یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے — بغیچے چھوڑ کر خالی، زمیں اندر سمانا ہے
تُو اپنی موت کو مت بھول، کر سامان چلنے کا — زمیں کی خاک پر سونا ہے، اینٹوں کا سِرہانا ہے
جہاں کے شُغل میں شاغل، خدا کے ذکر سے غافل — کرے دعویٰ کہ یہ دنیا، مِرا دائم ٹھکانا ہے
غلام اک دَم نہ کر غفلت، حیاتی پر نہ ہو غُرّہ — خدا کی یاد کر ہر دم، کہ جس نے کام آنا ہے

افسوس! صد افسوس!! سفرِ آخرت ۽ آخرت جي تياريءَ کان غفلت تہ ايتري قدر وڌي چڪي آهي جو هاڻي اهي معاملات جيڪي واضح طور تي آخرت جي ياد ڏيارن ٿا انهن کان بہ عبرت ناهي حاصل ڪئي ويندي. اڪثر مرڻ وارن جا اعلان ٻڌندا آهيون، غسلِ ميت بہ ڏيندا آهيون، جنازن ۾ شرڪت ڪري ڪڏهن تہ ميت کي ڪلهو بہ ڏيندا آهيون، ميت کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ بہ لاهيندا آهيون، مرڻ واري کي مٽيءَ جي مٽن جي هيٺ دفن ڪري پنهنجي هٿن سان مٽي بہ وجهندا آهيون. پر انهن عبرتناڪ لمحن مان عبرت حاصل ناهي ٿيندي، هاڻي جنازن ۾ بہ ڪجهه نادان ماڻهو ڪل ٻوڳ ۾ لڳل هوندا آهن تہ ڪي وري موبائل تي ٽائم پاس (Time pass) ڪري رهيا هوندا آهن، ڪجهه پنهنجن ڪاروباري معاملن تي بحث ڪري رهيا هوندا آهن تہ ڪجهه موقعو غنيمت سمجهي خانداني مسئلن ۾ اُلجهيل هوندا آهن. ڪو سياست تي تبصرا ڪري

رهيو هوندو آهي تہ ڪو ڪرڪٽ ميچ تي ڳالهيون ڪري رهيو هوندو آهي امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: غافلن جو حال اهو هوندو آهي جو جنازن کي ڏسي انهن جي دل جي سختي ويتر وڌي ويندي آهي. (احياء العلوم، ۵/۵۸۴) پهريان جي ماڻهن جي جنازن ۾ ڪهڙي ڪيفيت هوندي هئي. اچو! هن بابت ڪجهہ روايتون پڙهون ٿا:

1. صحابي رسول، حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي باري ۾ منقول آهي تہ جڏهن ڪنهن جنازي کي ڏسندا هئا تہ فرمائيندا هئا: وڃو! اسان توهان جي پويان اچي رهيا آهيون۔ (احياء العلوم، ۵/۵۸۴)

2. حضرت سيدُنا اعمش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جنازن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين پر مجمعي ۾ هر شخص رنج ۽ غم ۾ ٻڏل نظر اچڻ سبب اسان کي سمجهہ نہ ايندو هو تہ ڪنهن سان تعزيت ڪريون. (احياء العلوم، ۵/۵۸۵)

3. حضرت سيدُنا ثابت بناني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جنازن ۾ شرڪت ڪندا هئاسين هر شخص کي چادر سان پنهنجو منهن ڍڪيندي روئيندي ڏسندا هئاسين. (احياء العلوم، ۵/۵۸۵)

اي ڪاش! انهن الله وارن جي هن پياري انداز جو اسان کي بہ صدقو ملي وڃي، اي ڪاش اسان بہ جنازن مان عبرت حاصل ڪري پنهنجي موت جي تياريءَ ۾ لڳي وڃون. اي ڪاش جيئري اسان جي بہ اکين تان غفلت جو پردو کڄي وڃي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي عقل مندي اها ئي آهي تہ اسان کي هن دنيا کي تماشو نہ سمجهڻ گهرجي بلڪ هن مان عبرت وٺڻ گهرجي. ياد رکو! **زِندگي موت جي اَمانت آهي** جيڪا آهستي آهستي گذري رهي آهي. پوءِ هڪ وقت ايندو ڏسندي ئي ڏسندي موت پنهنجي وڪڙ ۾ وٺندو ۽ اونداهي قبر کي ٺڪاڻو

ٻڌائڻو پوندو. ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان زنده آهيون، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان جا پساهہ هلي رهيا آهن، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان جي دل ڪم ڪري رهي آهي، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان جي جسم ۾ خون هلي رهيو آهي، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان جا عضوا سلامت آهن، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان پنهنجي مرضي سان سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا، ❖ **اڄ جڏهن تہ** اسان کي مهلت مليل آهي تہ اسان کي هن مان فائدو کڻڻ گهرجي، پنهنجي عملن تي غور ڪرڻ گهرجي، مڪمل توجهہ سان سوچڻ گهرجي تہ الله پاڪ جي ڏنل عظيم نعمت زندگي کي ڪهڙي طرح گذاري رهيو آهيان؟ ❖ ڇا هن کي الله پاڪ جي اطاعت و فرمانبرداري ۾ گذاري رهيو آهيان يا صبح و شام گناهن جو سلسلو جاري آهي؟ ❖ ڇا مان نيڪين ڏانهن وڃي رهيو آهيان يا گناهن سان دامن داغدار ڪري رهيو آهيان؟ ❖ ڇا مان نيڪ ماڻهن جي طريقي تي هلي رهيو آهيان يا بدڪارن ۽ گناهگارن جي طرزِ عمل تي زندگي گذاري رهيو آهيان؟ ❖ ڇا مان فرض ۽ واجب ۽ سنتِ مؤڪّدا پورا ڪيان ٿو يا غفلت ۾ زندگي گذري رهي آهي؟ ❖ ڇا ۾ نماز روزي جي پابندي ڪيان ٿو يا ان پاسي ڌيان ئي نہ آهي؟ ❖ ڇا مون کي قرآن، درود و سلام، ذڪر واذڪار جو بہ شوق آهي يا فضوليات ۾ وقت برباد ڪري رهيو آهيان؟ ڇا مون کي ڏسي ڪري بہ قرآنِ ڪريم پڙهڻ اچي ٿو يا نہ ؟ ڇا درست نماز پڙهڻ اچي ٿي يا نہ؟ مطلب تہ! سوچڻ گهرجي تہ ڇا مان پنهنجي آخرت کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان يا هن فاني دنيا جي ڌوکي ۾ مبتلا ٿي پنهنجي ڏينهن ۽ رات کي ضائع ڪري رهيو آهيان؟ هن ڌوکي (Deception) کان اسان کي خبردار ڪندي اسان جو پاڪ پَروَردگار سيپاري 22 سُوره فَاطِر جي آيت نمبر 5 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا

ترجمو ڪنز الايمان: اي انسانو بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي

تَغُرَّنَّكُمُ الْحَیٰوةُ الدُّنْیَا ٗ وَ لَا یَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ۝ (پ٢٢، اَلْفَاطِر:٥)

پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نہ ڏي دنيا جي زندگي ۽ هرگز توهان کي الله جي حڪم تي ڌوڪو نہ ڏي اهو وڏو ڌوڪي باز.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي دنيا هڪ ڌوڪو آهي، عقل مند اهو ئي آهي جيڪو هن دنيا ۾ رهي پنهنجي قبر جي لاءِ ڪجھ ڪري وڃي. ڪوڙ عمل اهڙا آهن جيڪي جيڪڏهن ڪٽي وڃون تہ قبر نورٌ علي نور ٿي سگھي ٿي. حضرت سَيِدُنا فقيہ ابوالليث سمرقندي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو قبر جي تنهائي ۽ گھبراهٽ کان بچڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي تہ چار شين کي اختيار ڪري وٺي ۽ چئن ئي شين کان پاسو اختيار ڪري. جيڪو بہ ائين ڪندو اهو قبر جي اڪيلائپ ۽ گھبراهٽ کان بچي ويندو. اهي چار شيون جن کي اختيار ڪرڻو آهي انهن مان سڀ کان پهرين شيءِ **نماز** آهي. ٻي شيءِ الله پاڪ جي راهہ ۾ **صدقو** آهي. ٽئين شيءِ **قرآنِ پاڪ جي تلاوت** آهي . جڏهن تہ چوٿين شيءِ ڪثرت سان **ذڪرِ الٰهي** ڪرڻ آهي. ۽ اهي چار شيون جن کي ڇڏڻو آهي انهن مان پهرين شيءِ **ڪوڙ** آهي. ٻي شيءِ **خيانت** آهي. ٽئين شيءِ جنهن کان بچڻو آهي اها آهي **چغلي**. جڏهن تہ چوٿين شيءِ جنهن سان هر گھڙي بچڻو آهي اهي **پيشاب جا ڇنڊا** آهن. (تنبيہ الغافلين،ص٢٢)

## قبر ۾ ڪم ايندڙ پهريون عمل نماز

اهي عمل جيڪي قبر ۾ ڪم ايندا انهن مان پهريون عمل آهي نماز. الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو نمازن جي لاءِ بهتر طَريقي سان وضو ڪري ۽ انهن کي ان جي وَقت ۾ اَدا ڪري ۽ انهن جا رُڪوع وسُجود، خُشُوع سان پورا ڪري تہ الله پاڪ جي ذمّہ ڪرم تي آهي تہ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي.

(ابوداؤد ، كتاب الصلوة، باب المحافظة علي وقت الصلوات،١/ ١٨٦، حديث: ٤٢٥)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جا ڪيئي فائدا آهن. ❖ **نماز** دين جو ٿنڀو آهي، ❖ **نماز** پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٿڌاڻ آهي، ❖ **نماز** مسلم ۽ غير مسلم جي وچ ۾ سڃاڻپ (Identification) جو ذريعو آهي، ❖ **نماز** بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري جو ذريعو آهي، ❖ **نماز** مؤمن جي معراج آهي، ❖ **نماز** چين ۽ سڪون ماڻڻ جو سبب آهي، ❖ **نماز** بندگي جو پهريون ڏاڪو آهي، ❖ **نماز** مؤمنن جي عادت آهي، ❖ **نماز** ربّ ڪريم جون رحمتون ماڻڻ جو سبب آهي، ❖ **نماز** قربِ الٰهي ماڻڻ جو وسيلو آهي، ❖ **نماز** سان رب جي مدد ملندي آهي، ❖ **نماز** گناهن کي مٽائيندي آهي، ❖ **نماز** سان برڪتون نصيب ٿينديون آهن، ❖ **نماز** ظاهر و باطن کي صاف ڪندي آهي، ❖ **نماز** روح کي قرار ڏيندي آهي، ❖ **نماز** ظاهري ۽ باطني بيمارين جو خاتمو ڪندي آهي، ❖ **نماز** رزق ۾ برڪتون آڻيندي آهي، جڏهن ته ❖ **نماز ڇڏڻ** دنيا ۽ آخرت ۾ نقصانن جو سبب آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** الله پاڪ جي امان ڪان پاڻ کي محروم ڪرڻ آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** ته الله پاڪ جي غضب کي دعوت ڏيڻ آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** مال ۾ ڪمي ۽ نقصان جو سبب آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** بري خاتمي جو سبب آهي، ❖ **نماز ڇڏڻ** قبر جي امتحانن ۾ فيل ٿيڻ جو سبب آهي، ❖ **نماز ۾ غفلت ڪرڻ** پاڻ کي جَهنَّم جو حقدار بنائڻ آهي. اچو انهيءَ باري ۾ هڪ عبرتناڪ حڪايت ٻڌو:

شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي رسالي ”ڪفن چورن جا انڪشافات“ جي صفحي 20 تي هڪ حڪايت نقل فرمائن ٿا: هڪ شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي. جڏهن هو ان کي دفن ڪري موٽيو ته ياد آيس ته رقم جي ٿيلهي قبر ۾ ڪِري پئي آهي، اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڀيڻ جي قبر تي آيو ۽ ان کي کوٽيائين ته جيئن ٿيلهي ڪڍي. ان ڏٺائين ته ڀيڻ جي قبر ۾ باهه جا شعلا ڀڙڪي رهيا آهن. پوءِ ان جيئن تيئن قبر تي مٽي وِڌي ۽ غمگين

روئندو ماءُ وٽ اچي پُڇا ڪيائين: پياري امڙ! منهنجي پيڻ جا عمل ڪهڙا هئا؟ اها چوڻ لڳي: پٽ چو تو پُڇين؟عرض ڪيائين:”مون پنهنجي پيڻ جي قبر ۾ باهه جا شعلا ڀڙڪندي ڏٺا آهن.“ اهو ٻُڌي ڪري ماءُ روئڻ لڳي ۽ چيائين: افسوس! تنهنجي پيڻ نماز ۾ سُستي ڪندي هئي ۽ نماز جا وقت ٽاري پڙهندي هئي (يعني نماز قضا ڪري پڙهندي هئي) . (مُڪاشَفَة الْقُلو ب ص١٨٩)

**اي عاشقانِ رسول!** هن عبرت ناڪ حڪايت مان معلوم ٿيو تہ نماز ۾ سُستي ڪرڻ تمام وڏو گناهه آهي ۽ قبر جي عذاب جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنج ئي نمازون ذوق وشوق سان مسجد ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ پهرين صف ۾ باجماعت ادا ڪيون ۽ نماز ۾ هرگز سُستي نہ ڪيون.

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم ايندڙ ٻيو عمل صدقو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قبر جي اونداهيءَ ڪي روشني ۾ ۽ قبر جي گهبراهٽ کي اطمينان ۽ سڪون ۾ بدلڻ جو هڪ ٻيو عمل اللّٰه پاڪ جي راهه ۾ صدقو ڪرڻ بہ آهي. فرمانِ مصطفيٰ آهي: اِنَّ الصَّدَقَة لَتُطْفِئُ عَلٰى اَهلِها حَرَّ الْقُبُوْرِ بيشڪ صَدَقو ڪرڻ وارن جو صَدَقو قَبر جي گرميءَ کان بچائيندو آهي وَ اِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيامَة فِی ظِلِّ صَدَقَتِهٖ ۽ بيشڪ مُسَلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدَقي جي ڇانو ۾ هوندو. (شُعَبُ الايمان، باب الزكاة، التحريض علي صدقة التطوع،٢١٢/٣، حديث:٣٣٤٧) لهٰذا صدقو ڏيڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. صدقو هڪ وڏي فضيلت وارو ڪم آهي، ❖ صَدَقو برائين جا دروازا بند ڪري ٿو. ❖ صَدَقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي

صدقي جي ڇانو ۾ هوندو. ❖ **صَدَقو** قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي. ❖ **صَدَقو** گُناهن کي ائين مٽائيندو آهي جيئن پاڻي باهه کي. ❖ **صَدَقو** بلائن کي روڪيندو آهي. ❖ **صَدَقو** عُمر ۾ بَرڪت جو سبب ٿيندو آهي. ❖ **صَدَقو** بُري مَوت ۽ بُري خاتمي کان بچائيندو آهي. ❖ **صَدَقو** تڪبّر ۽ غرور جي عادت جو خاتمو ڪندو آهي. ❖ **صَدَقو** باهه کان رُڪاوٽ (Hindrance) ٿيندو آهي. ❖ **صَدَقو** الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو آهي.❖ **صَدَقو** رزق ۾ ڪشادگي ۽ مال جي ڪثرت جو سبب ٿيندو آهي. ❖ **صَدَقو** غربت ۽ ناداري کي ختم ڪندو آهي. ❖ **صَدَقو** دل ۾ اطمينان ۽ قرار داخل ڪندو آهي. ❖ **صَدَقو** ڪرڻ سان رحمتِ الٰهي ملندي آهي. ❖ **صَدَقو** پاڻ ۾ محبتن کي عام ڪندو آهي. ❖ **صَدَقو** ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن امان ۾ رهندو. ❖ **صَدَقو** ڪرڻ واري تي الله پاڪ جا ملائڪ درود موڪلين ٿا. مطلب تہ! صدقو ڪيئي ڀلائين جا دروازا کوليندو آهي ۽ ڪيئي برائين جا دروازا بند ڪندو آهي. لٰهذا اسان کي خوب خوب صدقو ۽ خيرات ڏئي پنهنجي قبر و آخرت جي بهتري جو سامان ڪرڻ گهرجي.

## مدني عطيات جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مسجد ڀريو مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي سڄي دُنيا ۾ ڌُوم ڌام آهي، دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 107 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ جامعة المدينه (للبنين و للبنات) بہ آهي جنهن جي ذريعي هاڻي تائين هزارين عالم سڳورا تيار ٿيا آهن ۽ پنهنجي خدمتن کي مختلف شعبن ۾ پيش ڪري دِينِ اسلام جي سربُلندي ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح هزارين اسلامي ڀينرون بہ عالمہ ڪورس (درسِ نظامي) ڪري ڪيترن ئي شعبن ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪري رهيون آهن، **مدرسة المدينہ** (للبنين و للبنات) مان بہ تقريبًا 80731 مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون ناظره قرآن پڙهڻ ۽ **حفظِ** قرآن جي سعادت ماڻي چڪا آهن. صرف **جامعة المدينہ** (للبنين و للبنات)، **مدرسة المدينہ** (للبنين و للبنات) ۽ **مدني چينل** جا سالانہ اخراجات

ڪروڙين نہ اربين روپين ۾ آهن. تنهنڪري اسان پاڻ بہ دعوتِ اسلامي کي زڪوٰة، صدقات، مدني عطيات ڏيون، ان سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات گڏ ڪيو. اِنْ شَآءَ الله اوهان جي ڪاوشن سان ڏنل اهو صدقو ٻنهي جهانن ۾ اسان کي ڪامياب ڪندو. اِنْ شَآءَ اللّٰه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو صدقي جي تعريف بہ ٻڌون ٿا، جيئن صدقي جو مطلب آهي تہ ڪا شيءِ الله پاڪ جي راهہ ۾ ڏني وڃي ۽ ان جي ذريعي ماڻهن ۾ پنهنجي واهہ واهہ ڪرائڻ مقصود نہ هجي، بلڪ الله پاڪ جي بارگاهہ مان اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي. (ڪتاب التعريفات، باب الصاد، ص۹۴ ماخوذاً)

يعني مالي صدقي جي لاءِ بہ شيون تمام ضروري آهن. هڪ هيءَ تہ ڪا شيءِ الله جي راهہ ۾ ڏني وڃي. ٻيو هيءَ بہ ضروري آهي تہ ان مان الله تعالٰي جي رضا مقصود هجي. انهن ٻنهي شين جو لحاظ رکندي ڪيو ويندڙ ڪم اهو صدقو چورائيندو. ان جون ڪجهہ مثالون بہ سماعت فرمايو. جيئن رضاءِ الاهيءَ جي لاءِ مسجد جي ڪم ۾ پنهنجا پيئسا خرچ ڪرڻ صدقو آهي. رضاءِ الاهيءَ جي لاءِ ڪنهن غريب کي راشن ڏيارڻ صدقو آهي. رضاءِ الاهيءَ جي لاءِ مسجد نهرائڻ صدقو آهي. وغيره وغيره

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم ايندڙ ٿيون ڪم تلاوتِ قرآن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قبر ۾ ڪم ايندڙ عملن بابت ٻڌي رهيا هئاسين. انهن مان هڪ تلاوتِ قرآن بہ آهي. ❖ قرآنِ پاڪ الله پاڪ جو ڪلام ۽ واضح ترين حق آهي. ❖ ان جي فصاحت ڪان وڌيڪ فصيح ڪو ٻيو ڪتاب ناهي، ❖ هن جي بلاغت ڪان وڌيڪ بليغ ڪو ٻيو ڪتاب ناهي، ❖ هن ڪان وڌيڪ فائديمند ڪو ٻيو ڪتاب ناهي، ❖ جيڪو لذت ۽ سرور هن ڪتاب جي تلاوت ۾ آهي اها لذت ۽ سرور ڪنهن ٻي هنڌ ناهي. تنهنڪري اسان کي قرآن

جي تلاوت ڪي پنهنجو معمول بنائڻ گهرجي. هن جا ڪيئي فائدا آهن. ❖ تلاوتِ قرآن سان الله پاڪ جون رحمتون ملن ٿيون، ❖ تلاوتِ قرآن سان مصيبتون ٽرن ٿيون، ❖ تلاوتِ قرآن سان غم پري ٿئي ٿو، ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارو ڄڻ ڪريم رب سان هم ڪلام ٿيڻ جو شرف حاصل ڪري ٿو، ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ خود آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي، ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جو طريقو آهي، ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ قرآن جي شفاعت جو حق دار بڻائي ٿو. ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ قيامت جي هولناڪ گهبراهٽ کان امن بخشي ٿو. ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ قيامت جي حساب ڪتاب کان نجات ڏياري ٿو. ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارن جي الله ڪريم قرآنِ پاڪ ۾ تعريف فرمائي آهي. ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ پسنديده عمل آهي. ❖ تلاوتِ قرآن سان دنيا ۾ بہ راحت ملي ٿي، ❖ تلاوتِ قرآن ڪرڻ سان قبر بہ موچاري ٿيندي آهي ۽ ❖ تلاوتِ قرآن سان آخرت ۾ بہ ڪاميابيون حاصل ٿينديون. اچو ٻڌون ٿا تہ بزرگن جو تلاوتِ قرآن ڪرڻ جو ڪهڙو معمول هوندو هو ۽ قبر ۾ انهن کي ڪيئن ڪم آيو. جيئن تہ

## عاشِقِ قرآن جي ڪھڙي ڳالھ ڪجي

حضرتِ سَيِدُنا ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه روزانو هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سدائين ڏينهن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات قِيام (يعني عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ بہ رڪعتون "تَحِيَّةُ المسجِد" ضرور پڙهندا هئا. تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي هر ٿنڀي وٽ قرآن شريف جو ختمو ڪديو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ گريہ و زاري ڪئي آهي. نماز ۽ تِلاوت سان کين خصوصي محبت هئي، متن اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پرُ انوار جي ويجهو کان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. (حلية الاولياء، ٢/ ٣٦٤- ٣٦٦ ملتقطاً و ملخصاً)

جَبیں میلی نہیں ہوتی دَہن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ اوليا!** اسان کي بہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ گهرجي، ۽ دنيا ۾ بہ تلاوتِ قرآن ڪرڻ جو اهڙو معمول ٺاهيون جو قبر ۾ بہ هن عظيم سعادت کي ماڻڻ وارا بڻجي وڃون. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تلاوتِ قرآن کي پنهنجو معمول (Routine) بنائڻ ۽ ان جي مَحَبَّت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 21 ۾ اِرشاد فرمائن ٿا" ”چا اڄ اوهان ڪنزُ الايمان مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون (ترجمي ۽ تفسير سان گڏ) تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟“ تنهنڪري اسان کي بہ پنهنجي اها عادت بنائڻ گهرجي تہ روزانو ڪنزُالاِيمان شريف تفسير خزائن العرفان يا صِراطُ الجِنان ترجمي ۽ تفسير سان گڏ خُوب غور وفڪر ڪري قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪيون، هن طرح مدني اِنعام تي عمل سان گڏوگڏ تلاوت جون ڪوڙ پلائيون ۽ برڪتون پڻ نصيب ٿينديون ۽ عمل جو جذبو بہ پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰه. جيڪي اسلامي ڀائر صحيح تلفظ سان تلاوتِ قرآن نٿا ڪري سگهن انهن کي گهرجي تہ پنهنجي قريبي مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلو وٺن، اِنْ شَآءَاللّٰه قرآنِ پاڪ جي صحيح تلفظ سان تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي ويندا.

اَلحَمدُ لِلّٰه دعوت اسلامي سڄي دنيا ۾ فيضانِ قرآن عام ڪري رهي آهي. هن وقت دعوتِ اسلامي جي تحت 3287(ٽي هزار بہ سؤ ستاسي) مدرسة المدينہ (للبنين ۽ للبنات جز وقتي) 35690(پنجٽيهہ هزارڇهہ سؤ نوي) مدرسة المدينہ (بالغان) 3363(ٽي هزار ٽي سؤ ٽيهٺ) مدرسة المدينہ (بالغات) 30 مدرسة المدينہ (آن لائن) يعني ڪل

تقريبًا 42370 (ٻائيتاليهه هزار ٽي سؤ ستر) مدارس المدينہ قائم آهن جن جي ذريعي هزارين ٻار، جوان، پوڙها، ڇوڪريون، عورتون فيضانِ قرآن حاصل ڪري رهيا آهن. اسان غور ڪيون تہ انهن برڪتن مان، هن ورهائجڻ واري عام فيضان مان اسان ڪيترو حصو وٺي رهيا آهيون، جيڪڏهن اسان درست قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڄاڻون ٿا تہ ٻين کي پڙهايون، نہ تہ پنهنجو پاڻ پڙهون.

"کنزالایماں" اے خدا میں کاش! روزانہ پڑھوں
پڑھ کے تفسیر اِس کی پھر اُس پر عمل کرتا رہوں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم ايندڙ چوٿون عمل ذڪرِ الٰهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت علامہ فقيہ ابو الليث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بيان ڪيل قبر ۾ ڪم ايندڙ عملن مان چوٿون عمل ذڪرِ الٰهي آهي. اسان جي آقاءِ مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جڏهن بہ ماڻهو الله پاڪ جي ذڪر جي لاءِ ويهندا آهن تہ انهن کي ملائڪ گهيري وٺندا آهن رحمتِ الٰهي انهن کي پنهنجي آغوش ۾ وٺندي آهي ۽ انهن تي سڪون نازل ٿيندو آهي. (مسلم، كتاب الذكر و الدعاء ...الخ ، باب فضل الاجتماع علي تلاوة...الخ، ص١١١١، حديث:٢٧٠٠)

اي عاشقانِ رسول! ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي ڪرڻ جا وڏا فائدا آهن. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي دل ۾ نور پيدا ڪندو آهي، ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي روح جي صفائي جو سبب ٿيندو آهي، ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي مؤمن جو بنيادي مقصد آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي الله پاڪ جو قرب عطا ڪندو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي انسان جي روحاني ترقي جو ذريعو ٿيندو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي ٻانهي جي گناهن کي بخشرائيندو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي معرفت ۽ سلوڪ جي راهہ جي ڏاڪڻ آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو طريقو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي

دلي سڪون جو سبب ٿيندو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي دلين جي زنگ کي پري ڪندو آهي. ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي سان دنيا ۾ به امن نصيب ٿيندو آهي، ❖ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي قبر ۾ به نور پيدا ڪندو آهي ۽ ڪثرت سان ذڪرِ الٰهي سان آخرت ۾ به نور حاصل ٿيندو. الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ واري مصطفٰي، رحمتون ورهائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ڪجھ ماڻھو دنيا ۾ وڇايل پلنگن تي الله پاڪ جو ذڪر ڪن ٿا ۽ الله ڪريم انھن کي جنت جي بلند درجن ۾ داخل فرمائيندو. (صحيح ابن حبان، ۱/۳۰۸، حديث:۳۹۸)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه . دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ هر پاسي ذڪرِ الٰهي جي ئي پياري پياري مهڪ رچيل آهي، مدني ماحول ۾ فجر کان پوءِ جو مدني حلقو، مدني درس، چوڪ درس، مدرسة المدينہ بالغان، مدني مذاڪرا، هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع، اجتماعِ ذڪر و نعت، مدني قافلي جا مدني حلقا، وڏين راتين ۾ ٿيندڙ اجتماعات اهي سڀ ذڪرِ الٰهي جون ئي بهارون آهن. اهڙي طرح مدني انعامات تي عمل ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ بہ ذڪرِ الٰهي ڏانھن ڪٺي ويندڙ هڪ ذريعو (Source) آهي. تنھنڪري اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ مدني انعامات تي عمل ڪندي روزانو فڪرِ مدينہ کي پنھنجو معمول بڻايو. هنن مدني انعامات مان هڪ مدني انعام روزانہ صلاةُ التوبہ پڙهڻ تي مشتمل آهي، جنھن جي برڪت سان روزانو گناهن کان توبہ ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي، جڏهن تہ گناهن کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ان گناهہ ڪيو ئي نہ. تنھنڪري اوهان بہ هن مدني انعام تي عمل ڪريو، مدني انعام نمبر 16 هن طرح آهي: ڇا اڄ اوهان گهٽ مان گهٽ هڪ پيرو (بهتر اهو آهي تہ سمهڻ کان پهريان) صلوة التوبہ پڙهي سڄي ڏينهن جي بلڪ اڳوڻن ٿيندڙ تمام گناهن کان توبہ ڪئي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اڃا تائين اسان جو هن مدني انعام تي عمل نہ هو تہ هاڻي ڪوشش ڪري هن مدني انعام تي بہ عمل جو معمول

ٻڌائي ونو، الله ڪريم اسان کي مدني انعامات تي عمل ۽ 12 مدني ڪمن جون خوب خوب ڌومون مچائڻ جي توفيق عطا فرمائي- آمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِينْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ-
اچو! مدني ماحول بابت هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## شرابي نوجوان جي توبہ

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي تہ مان بُرن دوستن جي صحبت ۾ هئس ۽ شراب بہ پيئڻ لڳو هئس. منهنجا گهروارا ۽ پاڙي وارا مون سان بيزار ٿي ويا. پاڙيسري ٻين کي مون سان گڏ ويهڻ کان روڪيندا هئا تہ ڪٿي منهنجي صحبت ۾ ٻيا بہ شرابي نہ ٿي وڃن، تنگ اچي گهروارن مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو تہ ڪٿي مان سڌري وڃان پر مان تہ شراب جي نشي (Intoxication) ۾ اهڙو گم ٿيس جو سڌرڻ جو هوش تائين نہ رهيو. هڪ ڏينهن مان ڪٿي وڃي رهيو هئس تہ ڪنهن عمامي واري منهنجو هٿ پڪڙي مون کي روڪيو ۽ وڏي شفقت سان منهنجو حال احوال پڇيائين. ۽ مون تي اِنفرادي ڪوشش ڪندي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي باري ۾ ٻڌايو ۽ مون کي مَدَني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏني. مون سفر ڪرڻ جي نيت ڪئي ۽ سفر بہ ڪيو. مَدَني قافلي ۾ سفر جي دوران قافلي وارن جي شفقتن جي بارش منهنجي دل جي گندگيءَ کي ڌوئي سترو ڪري ڇڏيو. محبت جا مزيد جام پيئڻ جي لاءِ مان اتان کان ئي 12 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر تي روانو ٿيس. جڏهن مان مَدَني قافلي تان واپس موٽيس تہ مان مدني حليي ۾ هئس، پاڙي وارا ڏسي حيران ٿي ويا تہ هي اهو ئي ڇوڪرو آهي جنهن کان سڄو پاڙو بيزار هو. بهرحال اهو ٿيو جو پاڙي وارا ڪڏهن مون سان گڏ ڪنهن کي ويهڻ نہ ڏيندا هئا هاڻي مون سان گڏ ويهڻ جي ٻين کي ترغيبون ڏين ٿا. اهي سڀ مدني ماحول جون برڪتون آهن. الله پاڪ مون کي مرڻ گهڙي تائين نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو　　اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارا عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قبر ۾ ڪم ايندڙ چئن نيڪ عملن بابت پڙهو، حضرت علامہ فقيہ ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بيان ڪيل روايت مطابق چار بُرا عمل اهڙا پڻ آهن جو قبر ۾ سلامتي جي لاءِ انهن کان بچڻ بيحد ضروري آهي-

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ ڪوڙ کان بچو

انهن مان پهريون عمل ڪوڙ آهي. اللّٰه پاڪ جي رحمت ٻڌجي دنيا ۾ تشريف آڻڻ واري رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: **ڪوڙ گناه ڏانهن** ڪٺي ويندو آهي ۽ گُناه جهنَّم ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ بيشڪ انسان ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي، ايستائين جو اللّٰه پاڪ وٽ ڪذّاب يعني تمام وڏو ڪوڙو ٿي ويندو آهي. (بخاري ، ڪتاب الادب، باب قول الله تعاليٰ يا اَيهَا الَّذِينَ...الخ، ۱۲۵/۴، حديث:۶۰۹۴) **يعني** هر هر **ڪوڙ** ڳالهائڻ انسان کي اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ رسوا ڪندو آهي، ❖ **ڪوڙ** هڪ گناه آهي. ❖ **ڪوڙ** سڀ کان وڏي خيانت آهي. ❖ **ڪوڙ** هلاڪت خيز ڪم آهي. ❖ **ڪوڙ** جهنم ڏانهن وٺي وڃڻ وارو عمل آهي. ❖ **ڪوڙ** انسان جي باطن کي بگاڙي ڇڏيندو آهي. ❖ **ڪوڙ** منافق جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. ❖ **ڪوڙ** ڳالهائڻ سان معاشري ۾ بگاڙ پيدا ٿيندو آهي. ❖ **ڪوڙ** ڳالهائڻ وارو شيطان جي نقشِ قدم تي هلندو آهي. ❖ **ڪوڙ** ڳالهائڻ وارو اللّٰه پاڪ کي ناپسند جڏهن تہ شيطان کي پيارو لڳندو آهي. مطلب تہ! **ڪوڙ** دنيا ۾ بہ رسوا ڪري ٿو، **ڪوڙ** قبر ۾ بہ ڦاسائيندو ۽ **ڪوڙ** آخرت ۾ بہ هلاڪت جو سبب بڻجندو. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسان **ڪوڙ** کان بچون ۽ سچ جي عادت بڻايون. ڪوڙ جي عذابن جي معلومات سان سچ ڳالهائڻ جو ذهن بڻجندو، جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان جي اولاد بہ ڪوڙ کان بچي وڃي تہ اولاد جي بہ مدني تربيت ڪرڻي پوندي، مڪتبة المدينہ جو رسالو بنام "**ڪوڙو**

چور“ ٻارن وڏن سڀني جي لاءِ فائيديمند ۽ نهايت معلوماتي رسالو آهي، هن رسالي جو اسان پاڻ به مطالعو ڪريون ۽ ٻين ۾ به هن رسالي کي عام ڪيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ خيانت کان بچو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!ٻيو اهو عمل جنهن سان بچڻ انسان کي قبر ۾ فائدو ڏئي سگهي ٿو اهو آهي خيانت. خيانت معاشري کي برباد ڪرڻ وارو ڪم آهي. خيانت صرف اها ئي نه آهي ته انسان ڪنهن جي شيء بطورِ امانت رکي واپس نه موٽائي، بلڪ خيانت جو مفهوم گهڻو وسيع آهي. حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: خيانت صرف مال ئي ۾ ناهي ٿيندي، راز، عزت، مشوري تمام ۾ ٿيندي آهي. (مراۃ المناجيح،۲۱۲/۱) رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي ڪنهن معاملي ۾ مشورو ڏئي جڏهن ته ان کي خبر آهي ته دُرستي ان جي علاوه ۾ آهي ته هن ان سان خيانت ڪئي. (ابوداؤد،ڪتاب العلم،باب ڪراهية منع العلم،۴۴۹/۳، حديث:۳۶۵۷) يعني جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن سان مشورو ڪري ۽ مشورو ڏيڻ واري ڄاڻي واڻي غلط مشورو ڏنو ته جيئن مشورو وٺڻ وارو مصيبت ۾ گرفتار ٿي وڃي ته اهڙو مشير يعني مشورو ڏيڻ وارو پڪو خائن (يعني خيانت ڪرڻ وارو) آهي. (مراۃ المناجيح،۲۱۲/۱)

الله پاڪ اسان کي هر قسم جي خيانت کان محفوظ فرمائي. اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ امتِ مسلمه جي خيرخواهي ڪندي سمجهائڻ جي ڪوشش فرمائي رهيا آهن

جو دُکانیں خِیانت سے چمکائیں گے! کیا اُنہیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے؟
قہرِ قہّار سے کیا بچا پائیں گے؟ جی نہیں، نارِدوزخ میں لے جائیں گے
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال آئیگا قبر میں ساتھ ہرگز نہ مال

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ چغلي کان بچو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان انهن عملن بابت ٻڌي رهيا هئاسين جن کان بچڻ قبر ۾ راحت و سڪون جو سبب ٿيندو آهي، انهن مان هڪ چغلي به آهي. ماڻهن ۾ فساد ڪرائڻ جي لاءِ انهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي تائين پهچائڻ چغلي آهي. (شرح مسلم للنووي، كتاب الايمان،باب بيان غلظ تحريم النمية،۲/۱۱۲) الله جي پياري نبي، امت جي سهاري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: الله پاڪ جا بُرا ٻانها اهي آهن جيڪي چُغل خوري ڪن ٿا، دوستن ۾ جدائي وجهن ٿا ۽ نيڪ ماڻهن جا عيب تلاش ڪن ٿا. (مسند احمد،مسند الشاميين، ۶/ ۲۹۱، حديث ۱۸۰۲۰) لهٰذا اسان کي چغل خوري کان به بچڻ گهرجي. چغل خوري ۾ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. بظاهر ته چغل خور چغلي لڳائي گهڻو خوش ٿيندو آهي ته ان محبتن جي رشتن کي نفرتن ۾ بدلي تمام وڏو ڪارنامو انجام ڏنو آهي پر جڏهن حقيقت کان پردو ڪڇندو آهي ته فلاڻي شخص جي طرفان ڪن پرڻ جي سبب نوبت ايستائين پهتي هئي ته ان چغل خور کي هر پاسي کان ذلت ۽ رسوائي جو سامنو ڪرڻو پوندو آهي جڏهن ته مرڻ کان پوءِ به اهڙن کي سُڪون و اطمينان نصيب ناهي ٿيندو بلڪ قبر ۾ ويندي ئي عذابن جو سلسلو شروع ٿي سگهي ٿو، الله پاڪ اسان کي چغلي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ پاڪيزه رهو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙا ڪم جيڪي قبر جي عذاب جو سبب ٿيندا آهن انهن مان چوٿون ڪم پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ آهي. پنهنجي ڪپڙن ۽ بدن جي پاڪي جو خيال نه رکڻ يقيناً هڪ خراب عادت آهي، جيڪا انسان کي ڪيئي ديني فائدن کان محرومي سان گڏوگڏ قبر جي عذاب ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي. اچو انهيءَ حوالي سان مومنن تي رحم وڪرم فرمائڻ واري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديث سڳوريون ٻڌون،

ارشاد فرمايائون: عذابِ قبر عموماً پيشاب (جي ڇنڊن کان نہ بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي. (المعجم الکبير، الحديث: ١١١٢٠ ، ج١١،ص٧٠)

هڪ روايت ۾ آهي: قبر جو عذاب پيشاب (جي ڇنڊن کان نہ بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي تنهنڪري هن کان بچو. (سنن ابن ماجة،ابواب الطهارة،باب التشديد في البول،الحديث:٣٤٨،ص٢٤٩٨)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هنن حديث سڳورين تي عمل ڪندي اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ هر قسم جي ناپاڪي ۽ خاص ڪري پيشاب جي ڇنڊن کان پاڻ کي بچايون، الله پاڪ اسان کي نجاست کان بچڻ ۽ پاڪيزه رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِينْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ مدني گل بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،الفصل الثانی،١/٥٥،حديث:١٧٥)

## قَبرءِ دفن جا مَدَني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! قَبرودَفن جي باري ۾ ڪجھ مَدَني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. ❖ هڪ قَبر ۾ هڪ کان وڌيڪ بِلا ضَرورت دَفن ڪرڻ جائز نہ آهي ۽ ضَرورت هجي تہ ڪري سگهو ٿا. (بهار شريعت جلداوّل ص٨٤٦، عالمگيري ج١ ص١٦٦ ) ❖ جنازو قَبر کان قبلي ڏانهن رکڻ مُستَحب آهي تہ جيئن ميت قبلي واري پاسي کان قَبر ۾ لاٿي وڃي. قَبر جي پيراندي (يعني پيرن واري جڳهہ) رکي مٿي جي طرف ڏانهن نہ آڻيو. (بهارِ شريعت ج١، ص ٨٤٤) ❖ حَسبِ ضَرورت بہ يا ٽي

۽ بهتر هي آهي ته قوي (طاقت ور) ۽ نيڪ ماڻهو قبر ۾ لهن. عَورَت جي ميت مَحارِم لاهين اهي نه هجن ته ٻيا رِشتيدار، اهي به نه هجن ته پرهيزگار رکن. (عالمگيري ج ١ ص١۶۶) ❖ عَورَت جي ميت کي رکڻ کان تختا لڳائڻ تائين کنهن ڪپڙي کان لڪائي رکو. ❖ قبر ۾ لاهڻ وقت وَقت اها دُعا پڙهو: بِسۡمِ اللهِ وَبِاللهِ وَعَلٰی مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللهِ. (تنوير الابصار ج٣ص١۶۶) قبر ڪچّي سرن سان بند ڪريو جيڪڏهن زمين نَرم هجي ته (ڪاني جا) تختا لڳائڻ به جائز آهن. (بهارِشريعت ج١ص٨۴۴) ❖ هاٿي مِٽي ڏني وڃي، مُستَحَب اهو آهي ته سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو. (جوهره ص١۴١ ) ❖ جيتري مِٽي قبر مان نڪتي آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي. (فتاوىٰ هندية،١/١۶۶ ) ❖ قبر چَوڪندي (يعني چار ڪوندن واري) نه ٺاهيو بلڪ ان ۾ ڍال رکو جيئن اُٺ جو ڪوهان، (دفن ڪرڻ کان بعد) ان تي پاڻي ڇڙڪڻ بهتر آهي، قبر هڪ گرانٺ اُونچي هجي يا معمولي وڌيڪ. (بهارشريعت،١/٨۴۶ مُلَخَّصاً) (بهارشريعت،١/٨۴۶ مُلَخَّصاً) ❖ دفن کان بعد قبر تي اذان ڏيڻ ثواب جو ڪم ۽ ميت جي لاءِ نهايت نَفعي بخش آهي. (فتاوىٰ رضويه،٧٠/٥ ماخوذاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو"ايذاءِ مسلم حرام آهي." جنهن ۾ ٻين کي ايذاء ڏيڻ جي مذمت تي آياتِ ڪريمہ ۽ حديث سڳوريون بيان ڪيون وينديون. ان سان گڏو گڏ اسان جا بزرگاِ دين ٻين کي ايذاء ڏيڻ سان پاڻ کي ڪيئن بچائيندا هئا هن حوالي سان بہ واقعا ۽ اقوال بيان ڪيا ويندا. هلندڙ دور ۾ ڪنهن ڪنهن طرح سان ٻين کي ايذاء ڏنو ويندو آهي ان جون ڪجهہ مثالون ۽ انهن ڪمن کان بچڻ جا طريقا بہ بيان ڪيا ويندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات بہ اجتماع** ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد، کتاب الادعية، باب فی کيفية الصلاة...الخ، 10/254، حديث: 17305